نـ ٽوڪپي ٻٽو نظام

هڪ سنڌ هڪ نظام



سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي - ڊويزن نوابشاھ

20 آڪٽوبر2012ع

● هن ملڪ ۾ گذريل 65 سالن دوران سنڌ جي وحدت تي جيڪي حملا ٿيا آهن انهن مان پهرين آڪٽوبر 2012 تي نام نهاد سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 2012 هاڻي ايڪٽ جي صورت ۾ حملو پهريون دفعو ڏارين نه پرسنڌ جي عوام جي مينڊيٽ جي دعوا ڪندڙ پارٽي ڪيو. هي حملو اهڙو شديد آهي، جو ان نه رڳو سنڌ کي تقسيم ڪيو آهي پر سنڌ جي اقتدار اعليٰ ۽ وسيلن کي سنڌ جي عوام کان ڦري ڇڏيو آهي. ون يونٽ واري ڪاري قانون هيٺ سنڌ جي وحدت کي ختم ڪري سمورا اختيار لاهور حوالي ڪيا هئا ۽ اهڙي ئي طرح هن ڪاري قانون ذريعي سنڌ سرڪار کان سمورا اختيار ڦري نام نهاد ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن حوالي ڪيا ويا آهن. جولائي 1948 ۾ جهڙي طرح سنڌ امڙ جي ڪنڌ ڪراچي کي جدا ڪري سنڌ اسيمبلي کي حيدرآباد بدر ڪيو ويو هو اهڙي طرح هاڻي ظاهر ۾ ته سنڌ اسيمبلي ڪراچي ۾ هوندي پر عملي طور اها يرغمال ۽ بي اختيار هوندي. جڳ کان لڄ لڪائڻ لاءِ ئي صرف سنڌ سرڪار توڙي سنڌ اسيمبلي کي ڪراچي ۾ رکيو ويو آهي.

جيئن ته سرڪار پنهنجي وزيرن ذريعي هر هر سنڌي عوام ۽ ان جي قيادت تي الزام مڙهي رهي آهي ته انهن ڪاري قانون کي پڙهيو ئي ناهي. انڪري هن ڪاري قانون ذريعي اڻ پڙهيل وزيرن ۽ غدار اسيمبلي ميمبرن جنهن نموني سنڌ جي وحدت تي حملو ڪيو آهي ان جو جواب به سنڌن کي پنهنجي قانون مان ڏيڻ ضروري آهي. ڪاري

قانون کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهريون حصو مڪاني ادارن جي جوڙجڪ، ٻيو حصو ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن حوالي ڪيل اختيارن ۽ ٽيون حصو مڪاني ادارن کي ڏنل مالي اختيارن تي مشتمل آهي.

1. جوڙجڪ.

سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2012 واري قانون جي سيڪشن 8 هيٺ ڪراچي ۾ روينيو حدن تحت قائم ڪيل پنجن ضلعن جي حدن کي اورانگهيندي هڪ ضلعي طور ڄاڻايو ويو آهي جنهن مٿان نام نهاد ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ٺاهي وئي آهي. جيڪو پرويز مشرف جي سياسي انجنيئرنگ مطابق ساڳيو 2001 وارو ڪراچي ۽ حيدرآباد لاءِ قائم ڪيل خصوصي نظام قائم ڪيو ويندو جنهن هيٺ شهري علائقن ۽ ٻهراڙين کي گڏي هڪ طرف اختيارن جي مرڪزيت تحت انهن جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضي جو نظام رائج ڪيو ويو آهي ته ٻئي طرف ان نظام کي حق بجانب ڄاڻائڻ لاءِ سنڌ جي عوام جي اکين ۾ دوڙ وجهندي وڏيڪ پنج ميٽروپوليٽن ڪارپوريشنون پڻ قائم ڪيون ويون آهن. جيڪي وڏن شهري آبادي جي معيارن مطابق ڪنهن به طرح حق بجانب نٿيون بنجن ۽ نه ئي ان جي نهڻ سان ڪو خاص فرق پوي ٿو دراصل اها سازش رڳو ڪراچي ۾ قائم ٿيندڙ خصوصي اختيارن واري ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي لاءِ رچائي وئي آهي.

هن نظام هيٺ ڪراچي جي 70 سيڪڙو زمين تي ٻڌل ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ڪراچي کي ختم ڪري مقامي سنڌي آباديکي پنهنجي ئي ڳادي واري هنڌ ۾ ڌارين حوالي ڪري لاوارث ۽ بي يارو مددگار ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح پنجن ضلعن تي مشتمل ڪراچي ڊويزن کي ته هڪ ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ٺاهي هڪ ضلعي طور رکيو ويو آهي پر ان جي برعڪس پراڻي حيدرآباد ضلعي کي ڇهن جدا جدا ضلعن يعني ٽنڊو محمد خان، ٽنڊوالهيار، مٽياري ۽ حيدرآباد ۾ ورهائي رکيو ويو آهي ۽

رڳو باقي بچيل حيدرآباد ضلعي جي شهري تعلقن وارن علائقن کي نئي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جو حصو رکيو ويو آهي اهڙي طرح متيپد ۽ لساني بالادستي تي ٻڌل هي ٻئو نظام سنڌ جي وحدت تي اهو ساڳيو ئي وار آهي جيڪو 2 جولائي 1948 تي سنڌ کان ڪراچي کسي مرڪز حوالي ڪرڻ جي صورت ۾ ڪيو ويو هو

هن ڪاري قانون جي شق نمبر 9 هيٺ ڪراچي ۾ قائم ضلعن جي حدبندين کي ميساري ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ 18 شهري ٽائون ناهيا ويا آهن اهڙي طرح باقي سمورن ضلعن لاءِ ضلعي ڪائونسلون ناهيون ويون آهن.هن ڪاري قانون هيٺ (5) 14 ۾ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن کي لامحدود اختيار حاصل هوندا. جنهن ۾ اهو بہ اختيار حاصل هوندو تہ اها پنهنجي خرچ تي ڪا بہ سرگرمي ڪري سگهي ۽ ڪا بہ آفيس قائم ڪري سگهي ٿي. جيڪو اختيار آئين هيٺ وفاقي سرڪار وٽ بہ نہ آهي، ڇو تہ اها بہ آئين جي شيڊول 4 هيٺ تي پنهنجا کاتا قائم ڪري سگهي ٿي.

2. ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ڪراچي جا اختيار.

ڪاري قانون جي شق نمبر38 ۾ ميٽروپوليٽن ڪاپوريشنز ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسلز جا اختيار واضع ڪيا ويا آهن. شق نمبر 39 هيٺ ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن کي ڊسٽرڪٽ ڪائونسلز کان واڌو اختيار ڏنا ويا آهن جن ۾ زمين جي درجہ بندي، ان جو استعمال، ماحوليات، زون ناهڻ، هائوسنگ، مارڪيٽ ناهڻ، ٽريفڪ ٽيڪس، ساحلي علائقن جي ترقي پڻ شامل آهن هنن اختيارن جو مقصد اهو آهي تہ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن تہ ساموندي حدن ۾ ترقياتي اسڪيمون ناهي سگهندي پر بدين يا ٺٽي ضلعي جي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل کي اهڙو اختيار نہ هوندو اهڙي ئي طرح ڪاري قانون جي شق نمبر 38 هيٺ مارڪيٽ ڪاميٽون ناهڻ جو اختيار بہ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن کي ڏنو ويو آهي.

ڪاتا

آئين جي آرٽيڪل 137، 142، 4، 5، 6 کان 28 جي سنگين خلاف ورزي ڪندي ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن کي ڪاري قانون جي شيڊول هڪ هيٺ سنڌ حڪومت جا آئيني اختيار ڦري ڪيس 40 ڪاتا حوالي ڪيا ويا آهن. سنڌ سرڪار وٽ هينئر 43 ڪاتا آهن پر ڪراچي ميٽروپوليٽن وٽ 40 ڪاتا هوندا ۽ سنڌ سرڪار باقي ڪجهه ڪاتن تي ٻڏل هوندي جنهن کان ڏڪ ويندو به نه پڇندو. ڪاري قانون جي شيڊول هڪ ۾ هيٺيان سنڌ سرڪار جا ڪاتا ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ڪراچي حوالي ٿي ويندا

1 پرائمري تعليم، خواندگي، فني تعليم ۽ هلندڙ تعليم 2. بنيادي صحت، ٻارن ۽ عورتن جي صحت، بنيادي صحت مرڪز، ديهي صحت مرڪز ۽ اسپتالون 3. سول ڊفينس 4. ڪميونٽي ڊولپمينٽ ۽ تنظيم ڪاري 5. فشريز 6 سوشل ويلفيئر 7 رانديون ۽ انهن جا بورڊ 8 ثقافت 9 ڪوآپريشن وارو ڪاتو 10 ماليات، بجيٽ ۽ اڪائونٽس 11. ڪي ايم سي، ڪي ڊي اي جون زمينون ۽ زمين وارو ڪاتو 12 ايڪسائيز ڪاتي جي پراپرٽي ٽيڪس 13 هائوسنگ 14 فزيڪل پلاننگ 15 پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ 16 ٽرانسپورٽ 17 ماسٽرپلان ناهڻ 18 واٽر بورڊ ۽ پاڻي جون پيون اٿارٽيون 19 امن امان 20 حد دخليون 21 قانون ۽ قانوني ڊرافٽنگ 22. زراعت ڪاتي مان مارڪيٽ ڪميٽيون 23 قدرتي آفتون 24. ماحوليات 25 ڪوآرڊينيشن 26 هيومن رسورسز 27 انفارميشن ٽيڪنالاجي 28 ورڪس ۽ سروسز 29. لينڊ ڪنٽرول، لينڊيوز (زمين جو استعمال) 30 لينڊ روينيو ڪوآرڊينيشن 31. انٽرپرائيز 32 سيڙپڪاري 33 صنعتي علائقا (ڪراچي سائيٽ) 34. پاڻي جا ذخيرا ۽ ڊيم ناهڻ 35 انرجي 36 پوليس اختيارن ۽ ڏوهن تي ٻڌل ڪاتو 37 رٿابندي ۽ ترقيات 38. ڊيٽابيس 39 تاريخي ۽ ثقافتي ماڳ 40. ريجنل مارڪيٽ ڪمرشل سينٽر.

ڏنل واڌو اختيار

مٿين ڪاٽن کان سواءِ ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ڪراچي کي اهو بہ اختيار هوندو تہ اها شيڊول هڪ جي انٽري 22 هيٺ بڌ چوڙ جا آئيني اختيارسيڪشن 109 سي.آر.پي.سي سميت 145 سي.پي.آر.سي هيٺ ۽ ملڪيت پاڻ وٽ رکڻ جا اختيار استعمال ڪري. سيڪشن 133، 143، 144 سي.آر.سي.پي جا اختيار پڻ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن وٽ هوندا ساڳي اسم هيٺ ڪارپوريشن کي پوليس ايڪٽ 30A کان 34(B) تائين جا اختيار جن ۾ جلسن جلوسن جي اجازت، امن امان جي خلاف ورزين جي سزا پڻ شامل آهن ان کانسواءِ ڪاري قانون جي باب نمبر 17 ۾ مختلف ڏوهن جي سزا لاءِ ڪارپوريشن ۾ انسپيڪٽرس جي فوج قائم ڪئي ويندي جيڪا مٿهن تي سيڪشن 156(3) هيٺ ٿاڻن تي ايف.آءِ.آر ڪٽرائيندي ۽ ڪورٽس ۾ ڪيسن جي پيروي ڪندي معنيٰ تہ ڪارپوريشن وٽ پراسڪيوشن جا اختيار بہ هوندا هنن اختيارن کانسواءِ ڪارپوريشن سيڪشن 14(5) هيٺ ڪو بہ وڏيڪ ڪاتو قائم ڪري سگهندي جن ۾ پوليس سميت اها ڪو بہ ڪاتو قائم ڪري سگهي ٿي. ميئر ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي، لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي ۽ حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي جا چيئرمين پڻ ٿي سگهن ٿا (ڏسو سيڪشن 201) اهڙي طرح ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪاپوريشن جو ميئر ڪاري قانون جي سيڪشن 64 هيٺ ٽائون چيئرمين جي ڪنهن بہ حڪم کي رد ڪري سگهندو. سيڪشن 149 هيٺ ٽائون تي سندس ڪنٽرول هوندو ۽ انهن خلاف چانچ بہ ڪرائي سگهندو. معنيٰ تہ ميئر کي ڪراچي جي زندگي جي سمورن شعبن تي نہ رڳو مڪمل ڪنٽرول هوندو پر اهو وڏي وزير کان بہ وڌيڪ بااختيار هوندو چو تہ سيڪشن 23 هيٺ ميئر کي بہ ڀاڱي ٽي جي اڪثريت سان هٽائي سگهجي ٿو جڏهن تہ آئين هيٺ وڏي وزير کي سادي اڪثريت سان هٽائي سگهجي ٿو سيڪشن 28(e) هيٺ صوبائي ۽ وفاقي قانونن تي ميئر عمل ڪرائيندو. سيڪشن 29 هيٺ ڪنهن بہ آفيسر خلاف ڪاروائي ڪري سگهندو، آفيسرن جون اي.سي.آر 17 گريڊ تائين هو لکندو ۽ باقي 19، 20 ۽ 21 گريڊ جي آفيسرن جون

اي.سي.آر بہ هو لکندو پر وڏو وزير رڳو انهن تي نيو هئندو ڪاري قانون جي باب 16 هيٺ ميئر جي ماتحت ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سروس قائم ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار پابند هوندي

متوازي حڪومت.

مٿئين بحث مان اوهان کي اهو پلي پٽ محسوس ٿيندو تہ هر ضلعي ۾ بہ انتظامي نظام ڪم ڪندا هڪ ميئر ۽ سندس ماتحت چيف آفيسر جي ڪنٽرول ۾ هوندو جيڪو ضلعي انتظاميہ جو سربراه هوندو تہ ٻيو ڪمزور ۽ نبل ڊپٽي ڪمشنر جي ماتحت جيڪا وڏي وزير جي انتظاميہ هوندي. ميئر جي ماتحت انتظاميہ تمام گهڻي طاقتور جڏهن تہ وڏي وزير جي انتظاميہ نہ هجڻ جي برابر هوندي. نالي ۾ نهال وڏي وزير کي سيڪشن 24 ۽ 143 هيٺ ميئر جا حڪم رد ڪرڻ يا ڪيس معطل جا اختيار تہ ڏنا ويا آهن پر اهي قانوني عمل جي تابع هوندا معنيٰ ميئر کي اهو بہ اختيار هوندو تہ هو وڏي وزير کي عدالتن ۾ گهلي سگهي. سنڌ ۾ ون يونٽ کان خطرناڪ هي اسڪيم مشرف واري نظام سان بہ نٿي پيٽي سگهجي چو تہ مشرف واري نظام هيٺ ڪائونسلز کي ڏنل 12 کاتن تي سنڌ سرڪار جو بہ ڪنٽرول هو ۽ اختيار سنڌ حڪومت ۽ مڪاني حڪومتن جا گڏيل هئا پر هن ڪاري قانون هيٺ سمورا اختيار ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ڪراچي کي منتقل ڪيا ويا آهن ان ڪري هي متوازي نظام ڊڪٽيٽر مشرف واري نظام کان بہ وڌيڪ خطرناڪ آهي. مشرف واري نظام هيٺ ڊي سي او سنڌ سرڪار ۽ ناظم جي گڏيل اختياري هيٺ ڪم ڪندو هو پر هاڻي چيف آفيسر ۽ کاتن جا ڊائريڪٽر وڏي وزير آڏو نہ پر ميئر آڏو جوابده هوندا ۽ وڏي وزير کي پنهنجو ڪٽل ڊپٽي ڪمشنر هوندوجنهن وٽ ڪي بہ اختيار نہ هوندا. هي نظام سنڌ جي اصل سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن ۾ نہ رڳو نفرت جو ٻج ڇٽيندو پر سنڌ کي لساني ورهاڱي ڏانهن وٺي ويندو.

3. مالي بندوبست.

ڪاري قانون جا ٻه باب هر هڪ باب نمبر 11 ۽ 12 مالي معاملن بابت آهن تاريخي طور تي مڪاني ادارن جو دائرو، ميونسپل ڪم سنڀالڻ رهيو آهي ۽ ان لاءِ ڪين اڪٽراءِ ٽيڪس، لوڪل سيس فنڊ، ڪراين وغيره مان ٿيندڙ آمدني تي اهي ادارا هليا آهن تاريخ ۾ پهريون دفعو سنڌ سرڪار نه رڳو هنن کي پنهنجا ٽيڪس پر پنهنجي بجيٽ ۾ حصيدار بڻائي ڇڏيو آهي 1985 کان وٺي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ڪراچي جي گهر رهي آهي ته ڪيس پراپرٽي ٽيڪس سندس حوالي ڪئي وڃي. پر شيڊول هڪ هيٺ پراپرٽي ٽيڪس ته هنن حوالي ڪئي وئي آهي پر سيڪشن 109 هيٺ وفاقي ۽ صوبائي طرز تي نه رڳو جدا اڪائونٽ پر آئين جي آرٽيڪل 160 جي طرز تي اين ايف سي وانگر پي ايف سي (پراونشل فنانس ڪميشن) سيڪشن 124 هيٺ ناهي صوبائي بجيٽ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪيو ويو آهي معنيٰ ته ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن کي نه رڳو آڪٽراءِ سميت ميونسپل ٽيڪس لڳائڻ جو اختيار هوندو پر اها پراپرٽي ٽيڪس به اوڳاڙيندي ۽ ان کان سواءِ سنڌ جي ريگيولر بجيٽ ۾ به ان جو حق مڃيو ويو آهي. صوبي جا لڳ ڀڳ اڌ وسيلا ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن حوالي هوندا جنهن جي جوڙجڪ نه ته جمهوري هوندي ۽ نه وري ان ۾ ٻين ڌرتي ڌڻين کي ڪو اختيار هوندو. اهڙي طرح سنڌ جي ساحلي پٽن کان وٺي سنڌ جي ماليات تائين ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن کي سنڌ سرڪار جا سمورا اختيار منتقل ڪيا ويا آهن.

ڪاري قانون لاءِ حڪمران ڌر جو اسيمبلي ڪردار.

انڌ جي گهوڙي تي سوار ۽ سنڌي عوام جي مينڊيٽ جي ڪوڙي دعوا ڪندڙ سرڪار قانون پاس ڪرائڻ وقت اهو به وساري ويٺي ته ڪاري قانون جي 21 بابن مان باب نمبر 18 گم آهي ۽ 17 کان پوءِ 19 باب

شروع ٿئي ٿو جڏهن ته شيڊول ۽ کان شيڊول ۷ تائين سڀ غائب آهن ڇو اهڙي صورت ۾ به سنڌ اسيمبلي، جي رکوالي اسپيڪر پاران پنجن منٽن ۾ پاس ڪرايل بل جي اجازت ڏيڻ ڪي ڇا چئجي. ۽ گڏوگڏ بل مخالف ميمبرن ڪي راءِ شماري ۾ نه ڳڻيندي بل ڪي متفقه طور پاس ڪرايل بل ڄاڻائڻ واري رولنگ کي دنيا جي پارلياماني نظام هيٺ قائم ڪيل اسيمبلين ۾ ڪهڙي نظر سان ڏٺو ويندو؟ ڇا سنڌ اسيمبلي وري هڪ ڀيرو ٻيهر وري ايوب ڪهڙي طرفان پاس ڪرايل ون يونٽ جي حق واري قرارداد وارو ڪردار ادا ڪيو آهي؟

سنڌ جي وحدت ۽ اقتدار اعليٰ کي ڪاپاري ڌڪ هڻي ڪيس عملي طور ورهايو ويو آهي. سنڌ پنهنجي تاريخ ڪي ورنائيندي هن ڪاري قانون جي صورت ۾ علاوالدين خلجي ۽ چنيسر واري هن معاهدي کي رد ڪري ٿي ۽ پنهنجي ڳيرو پٽن ۽ ڌيئرن کي دودي ۽ ٻاگهي وارو عظيم ۽ لافاني ڪردار ادا ڪرڻ جو سڏ ڏئي ٿي.

اڄو پاڻي لڙ ٿيو، ڪالوريو ڪنگڻ،
ايندي لڄ مرن، تنهن پاڻي مٿي هنجڙا.
شاهه

سنڌ بچايو ڪميٽي

پلي يار اسان جو يار نہ ٿي،
پر ڏرتيءَ جو غدار نہ ٿي.

هو آزاديءَ جا متوالا،
تون گولين جي وسڪار نہ ٿي.

تون ماڻهو آهين، ماڻهو ٿي،
پر سودو ۽ واپار نہ ٿي.

جي سنڌ امڙ سان ڪين سچا،
تون تن جو لنگهو لار نہ ٿي.

جو دشمن سنڌي ماڻهن جو،
ان جي تہ گلي جو هار نہ ٿي.

جا لاش اُماڻي شهرن مان،
ڪا اهڙي تون سرڪار نہ ٿي.

جا سچ لڪائي ڪوڙ لکي،
ڪا اهڙي تون اخبار نہ ٿي.

بازار ڦرائي چورن کان،
ڪو اهڙو چوڪيدار نہ ٿي.

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَــنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بـہ ٿـي سگهـن ٿـا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪـار سَـهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پـر ممڪـن آهـي تـہ ڪـي ڪـم اُجرتـي بنيـادن تـي بـہ ٿِيـن. اهـڙي حالـت ۾ پَـنَ پـاڻ هِـڪَبِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪـنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهـنـدا. پَـنَ پـاران ڪـتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بـہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ.

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهندڙ نَسُل جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڻَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)